# روشن تارا

(ٻاراڻا گيت)


**شمشير الحيدري**

سهيڙيندڙ

**سليم حيدري**



**سنڌي لئنگئيج اٿارٽي**

**حيدرآباد، سنڌ**

2012ع

# سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (176)



## سڀ حق ۽ واسطا محفوظ



**روشن تارا** (ٻاراڻا گيت)

| | |
|---|---|
| شاعر: | شمشير الحيدري |
| سهيڙيندڙ: | سليم حيدري |
| ڇاپو: | پهريون |
| سال: | مارچ 2012 |
| تصويرون ۽ ٽائيٽل: | رابيلا ابڙو |
| تعداد: | 1000 |
| قيمت: | 50/- روپيا |
| ناشر: | سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ |

**Catalogue Reference**
Shamsheer Al-Hydri
Roshan Tara
Children Literature
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-9098-82-6

Roshan Tara

| | |
|---|---|
| By: | Shamheer -Al- Hydri |
| Compiled by: | Saleem Hydri |
| Edition: | 1st |
| Year: | March, 2012 |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | 50/- |
| Composed by: | Asadullah Bhutto & Ahsan Laghari |
| Title & Sketches: | Rabella Abro |
| Published by: | Taj Joyo, Secretary, Sindhi Language Authority, Hyderabad, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | sindhila@yahoo.com |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printed by: | Peacock Printers, Karachi |

---

هيءُ ڪتاب، تاج جويو، سيڪريٽري سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ميسرس پيڪاڪ پرنٽرس ڪراچيءَ کان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.

# گيتن جو وچور


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| روشن تارا | 9 |
| ٻار هِنئين جا هار | 10 |
| سنڌوءَ جي ڪهاڻي | 11 |
| فادر فيوچر جو | 13 |
| ٻڏو بابلي جا پارَ | 15 |
| رَمشا | 16 |
| منهنجي گُڏِي هلي بازارِ | 17 |
| اڙي ننڊَ! | 19 |
| ٻالڪ زنده باد! | 20 |
| پيارُ گُهرون ٿا | 21 |
| منهنجو لغڙ اُڏاڻو چنڊ ڏي | 22 |
| گُڏي گُڏِيءَ جي راندِ | 24 |
| منهنجِي گُڏِيءَ جا پارَ | 25 |
| سانوڻ جا مينهَن | 26 |
| سيارو آيو | 27 |
| بهارَ جي منڊَ | 28 |
| انبن جي موسمَ | 29 |
| ڏُوم مچايون | 30 |
| سائيڪل | 31 |
| جانورن جو باغُ | 32 |
| اَمڙ مارِ نہ مون | 33 |
| صحت جو خيالُ | 34 |
| ٽِرئفڪ سِگنل | 35 |
| گهر جو چرخو | 36 |
| ڪُونجَ | 37 |
| عيدَ | 38 |
| عيد مبارڪ | 39 |
| عيد ملهايون | 40 |
| عيد آئي | 41 |
| سونلَ ٻائي | 42 |
| مائي مَلوڪان | 44 |
| ڦيٿي جو گيتُ | 47 |
| آڪڙ خان ۽ پاٽي خانُ | 51 |
| دُعا (اسڪول جي اسيمبليءَ ۾ پڙهڻ لاءِ) | 56 |

# ناشر پاران

سنڌي ٻولي علم ادب جي ميدان ۾ هڪ شاهوڪار ٻولي آهي، جنهن ۾ قاضي قادن، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري کان شاهه لطيف تائين ۽ شاهه لطيف کان شمشيرالحيدريءَ تائين سوين سونهارا ۽ ديس جا ڏُلارا شاعر اُن جي دامن کي سچن موتين جهڙن ٻولن سان وسيع ڪندا رهيا آهن ۽ آئينديبه ڪندا رهندا. سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو روشن ڪرڻ لاءِ اڄ جا ٻار سڀاڻي جا سرواڻ تڏهن بڻجي سگهندا، جڏهن هو اُن منڙي ٻوليءَ ۾ امڙ کان لوليون ۽ شاعرن کان سهڻا ٻول ٻُڌي وڏا ٿيندا. ٻاراڻي ادب خاص ڪري شاعريءَ جو اهوئي سڀ کان اهم ڪارج آهي، جو اُن سان راند راند ۾، وندر ورنهن سان گڏ هدايت ۽ ٻوليءَ جي ساڃهه پيدا ڪري سگهجي ٿي.

سچي ڳالهه ته اها آهي ته جيتوڻيڪ اڪثر ڪري ليکڪ پنهنجي لکڻ جي شروعات ٻاراڻي ادب سان ڪندا آهن، پر وڏي ٿيڻ کان پوءِ ٻاراڻو ادب سرجڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. مون پاڻ به ”ڪانير بادشاهه“ نالي هڪ آکاڻي لکي لکڻ جي ابتدا ڪئي هئي ۽ پوءِ به ڪيتريون ڪهاڻيون لکي ڇپرايم، پر وڏي هوندي ڪوشش جي باوجود ڪا ٻاراڻي ڪهاڻي لکي ڪانه سگهيس. پنهنجن ننڍڙن ٻارن کي رات جو ڪڏهن اڳ ٻُڌل ته ڪڏهن دل مان جوڙي آکاڻيون ٻڌائيندي هئس، پر جڏهن به قلم ڪاغذ کڻي انهن کي لکڻ جي ڪوشش ڪيم ته ڪامياب ڪانه ٿيس، ان ڪري آءٌ ڀانيان ٿي ته جيڪو به ليکڪ يا شاعر ٻارن لاءِ ڪجهه لکي ٿو، اُن وٽ هڪ ٻنهه مختلف ۽ سارا‌هه جوڳي صلاحيت آهي ۽ هو ٻين کان وڌيڪ پنهنجي ٻوليءَ جي خدمت ڪري ٿو، ڇاڪاڻ جو هو آئيندي جي اڏيندڙن لاءِ لکي ٿو، سنڌي ٻوليءَ کي مستقبل ۾ اڳتي کڻي وڃڻ لاءِ لکي ٿو.

محترم شمشيرالحيدري سنڌي ٻوليءَ جو جديد سنڌي شاعريءَ جو هڪ تمام اهم نمائندو شاعر آهي، اُن جا ٽيليويزن لاءِ لکيل هي ٻاراڻا گيت نه صرف پنهنجي خوبصورت لهجي ۽ لئي جي ڪري ٻارن کي وڻندا، پر انهن ۾ جيڪي سبق سمايل آهن، اهي سندن ذهني اوسر ۽ اخلاقي سنوار لاءِ پڻ ڪارائتا ثابت ٿيندا.

اسان کي اميد آهي ته سنڌ جي هڪ وڏي شاعر جو تيار ڪيل هي ننڍڙو ڪتابڙو ضرور ٻارن توڙي وڏن ۾ مقبول ٿيندو.

— ڊاڪٽر فهميده حسين

چيئرپرسن

# سهيڙيندڙ پاران

سنڌيءَ جا تمام ٿورا سينيئر شاعر ٻارن لاءِ شاعري ڪن ٿا. ان جو سبب اهو آهي، جو اهو ڪم البت ڏکيو آهي، ڇو تہ وڏي عمر جي شاعر کي گهٽو هيٺ لهي، ٻارن جي سطح تي اچي سوچڻو پوي ٿو. تنهن هوندي بہ، مجموعي طرح، سنڌيءَ ۾ ٻارن جو ادب، جيڪو هيستائين موجود ٿي سگهيو آهي، سو قدر لائق آهي.

ٻاراڻن گيتن جي هن مختصر مجموعي ۾ شامل گيت، پاڪستان ٽيليويزن ڪراچيءَ جي ٻاراڻي پروگرام 'روشن تارا' لاءِ لکيا ويا هئا. منهنجو والد، شمشير الحيدري، شروع کان وٺي، ڪن مختصر وقفن کان سواءِ، 'روشن تارا' پروگرام جو اسڪرپٽ لکندو رهيو هو ۽ ٻارڙن جي انهيءَ پروگرام جو نالو بہ سندس ئي ڏنل آهي. سَتر جي ڏهاڪي کان وٺي 'روشن تارا' پروگرام جو اسڪرپٽ لکندي، هن جيڪي ٻاراڻا گيت لکيا، سي هن ڪتابڙي ۾ 'روشن تارا' جي ئي نالي سان شامل ڪيا ويا آهن. اميد تہ ٻارڙن کي پسند ايندا.

آءُ موسيقار شاهد ڀُٽي جو بہ ٿورائتو آهيان، جنهن ڪجهہ اهڙا گيت ڳولي ڏنا، جيڪي والد صاحب جي فائيل ۾ موجود ڪونہ هئا. ڪوشش ڪري اڪثر گيتن جي هيٺان موسيقارن جا بہ نالا ڏنا ويا آهن، پر جن گيتن تي موسيقارن جا نالا ڄاڻايل نہ آهن، انهن مان گهڻا گيت، شاهد ڀُٽي صاحب جا ئي ڪمپوز ڪيل آهن.

ـ سليم حيدري

# روشن تارا

(پاراٹا گیت)




ٽم ٽم، ٽم ٽم،
ٽم ٽم، ٽم، ٽم،
ٽم ٽم، ٽمڪن تارا،
ڏس آهن ڪيڏا پيارا!
ڪئن جِھرمِر جِھرمر جَرڪن،
چڙ پوپٽَ ڦَڙ ڦَڙ ڦڙڪن،
چڙ ٽانڊاٽا ٽا ٽهڪن:
ڪن اونده ۾ اُجيارا ـ
ٽِم ٽم.......

ڪن چنڊ سان لِڪلِڪوٽيون،
يا ڪن ٽا ڪِنگر ڳلوٽيون،
هي نُورَيريون ڦِرموٽيون:
هي لاٽون لکَ هزارا ـ
ٽِم ٽم......
جِئن اُپَ تي چنڊ ستارا،
تِئن آهيون اسين سُونهارا،
ڌرتيءَ جا روشن تارا:
ڪريون جڳ کي باغ بهارا!
ٽم ٽم......

20.5.1975 موسيقار: ظفر علي فنڪار: ببيي ثميره

# ٻار هِنئين جا هار




ٻارَ هِنئين جا هارَ گُلن جِئن نازڪ نِپجن ٿا،
آرَ انگلَ انڪارَ گهڙيءَ ۾ وِرچن، پَرچن ٿا.

جي روئن، دل کي گهائن، جي مُرڪن مَن کي پائن،
ٻولَ عجائب ٿولَ، سِپيءَ ۾ موتِي سِپجن ٿا.

هِي ماکيءَ جهڙا منڙا، هي پوپٽَ، ڌيئرون، پُٽڙا،
اِيئن اکين ۾، جيئن امڙ جا تارا چِلڪن ٿا.

هي ٻاگهيون، دودا ٿيندا، هي ڏاها، جوڏا ٿيندا،
ٻار وڏا مهندارَ هِينئر جي ننڍڙا ڏِسجن ٿا.

# سِنڌوءَ جي ڪهاڻي



اي منهنجا پيارا پُٽڙا!
اي مُنهنجي پياري نياڻي!
اڄ مان ٻُڌايان توکي ’سنڌوءَ‘ جي اڄ ڪهاڻي!
’سنڌوءَ‘ جي ٻُڌ ڪهاڻي، سنڌوءَ جي ٻُڌ ڪهاڻي!

مشهور آهي جيڪا، جَڳَ ۾ نَدين جي راڻي،
صدين کان آهي قائم هن ڏيهہ جي ڏَياڻي،
تهذيبَ کان بہ جهُوني، تاريخَ کان پُراڻي:
سِنڌوءَ جي ٻُڌ ڪهاڻي.....!

سنڌوءَ جي سِيرَ ۾ ڏس، ڪيمياگريءَ جي قُدرتَ،
مِٽي بہ سونُ آهي، پاڻي بہ آهي اَمرت،
ڄائي هماليا جي، ڪيڏِي نہ آ سِياڻي:
سِنڌوءَ جي ٻُڌ ڪهاڻي.....!

بَرفَن جي شاهزادي، ڪيلاشَ ۾ ڪُڏي ٿي،
جهَرڻن ۾ ڪِئن ٿي جهومي، جبلن کي ڪِئن ٿُڏي ٿي،
هونئن مانسرووَر ۾ ڪيڏي نہ هئي نِماڻي:
سِنڌو جي ٻُڌ ڪهاڻي....!

’لَداخ‘ کي لَتاڙي، ’گِلگت‘ کان آئي ’هُنزا‘،
جبلن جي جانِ جهوري، پٿر ڪيائين پُرزا،
بيحد بُلندين تان، ڪشميرَ ڏانهن اُڏاڻي:
سِنڌوءَ جي ٻڌ ڪهاڻي...!

ڪشمير کان جو نِڪتي، پنجابَ ڏي اُڏامي،
پنجن نَدين اَدب سان ٻوڙي ڏِني سَلامي،
هاڻي هلي ٿي سِنڌ ڏي، ڇا تورَ آ شهاڻي:
سِنڌوءَ جي ٻڌ ڪهاڻي...!

ڌرتيءَ جي ساري خُوشبو سنڌوءَ ۾ جا سمائي،
قدمن ۾ سِنڌ جي سا، آڻي اُنهيءَ پُڄائي،
هر جيءَ ۾ جانِ آئي، هر ساهَ سگهہ ماڻي:
سِنڌوءَ جي ٻڌ ڪهاڻي...!

ڪشمورَ کان ڪراچي، سنڌوءَ جي موجَ مستي،
ساگر اندر اَچيو ٿِي پنهنجي وڃائي هَستي،
هيڏي سڄي سفر جي ٿِي خيرَ سان پُڄاڻي:
سِنڌوءَ جي ٻڌ ڪهاڻي...!



# فادر فيوچر جو

ڇُوگم چاچا!
ڇِي گم چاچي!
هيڏي ڏسو... مون ڏي ڏسو!
پپو پپن ۽ پپلي آهيان مان،
فادر فيوچر جو آهيان
ڇوگم چاچا، ڇِي گم چاچي...



ٿيندس مان ته وڏو سرجن،
عجب ڪندس هڪ آپريشن،
کولي سڀ جا پيٽ بدن،
ٽافيون پريندس هڪ هڪ ٽن:
ونڊرفل ڊائجيسشن، دنيا کي مفت ڏيان
فادر فيوچر جو آهيان...!



ٿيندس مان ته وڏو انجنيئر،
عجب ڪندس ٽيڪنڪ ۾ ڦير،
ناهي ڊڙو مُئلن جو ڪير،
جوڙيندس جيئرن جو ڍير:
ونڊرفل ڪنسٽرڪشن، دنيا کي مفت ڏيان.
فادر فيوچر جو آهيان...!



ٿيندس وڏو مان سائنسدانُ،
بم ٺاهيندس چيوگم چان،
تنهن ۾ وجهندس دال ۽ نان،
پيٽ ڀريندو هر انسان:
ونڊرفل اِنوينشن، دنيا کي مفت ٻڌايان-
فادر فيوچر جو آهيان...!



ٿيندس مان ته پروفيسر،
ڏيندس ماکيءَ جو ليڪچر،
کيرَ ۽ کنڊ جو لٽريچر،
ڪندو دنيا کي پيارَ جو گهر:
ونڊرفل سوليوشن، دنيا کي مفت ٻڌايان:
فادر فيوچر جو آهيان...!

پپو پپن ۽ پِپلي آهيان مان،
چوگم چاچا، چِيگم چاچي!
هيڏي ڏسو... مون ڏي ڏسو!...

**لکيل:** 6.08.1975

**موسيقار:** ڪريم شهاب الدين — **فنڪار:** غفور گل

**موسيقار:** فتح علي خان — **فنڪار:** ارشد محمود

**ڳايل:** 1987ع

# ٻڏو بابلي جا پارَ




ٻڏو بابلي جا پارَ ٻڏو بابلي جا پارَ
جنهن جا نخرا نَوَهزار، جنهن جا ٺهڪ ٺماٺيدارَ-
ٻڏو...!

ٻاتيون ٻوليون ٻولي، سڀ جي دِل هر کائي،
ڏيڊ فُنو هي ماٺهو ساري گهر کي ٻُوڪ بنائي:
ٻوڪ بنائي، ٽافي کائي،
ٽولي مالَ بہ کائي:
جنهن جا ريشم جهڙا وارَ جنهن جون ڳالهيون ماکيءَ لارَ-
ٻڏو...

گهر جو لٺ سردارُ سڏائي، کائي کنڊ ملائي،
کِي کِي- کِي کِي، کيچل کيتو کٽ پٽ کوٽ ٻِٽائي:
کوٽِ ٻِٽائي،
ميز ٽپائي،
سڀ سان آهي لڙائي:
هاٿي کائي ويٺو مارَ، رڙيون راڄ ٻُڌن چوڌارَ-
ٻڏو...!

آئيندي جي آسَ بہ آهي، اڄ جو آهہ سهارو،
ساري گهر جي سُونهن انهيءَ سان، سڀ جي اک جو تارو:
اک جو تارو،
ياڳ پيارو،
سڀ کي آهہ پيارو:
جنهن تي ابي جو آڌارُ جنهن تان امڙ ٿئي ٻلهار-
ٻڏو....!

6.8.1975

موسيقار: ڪريم شهاب الدين

فنڪار: غفور گل

# رَمشا

ننڍڙي رَمشا پنڌُ ڪري ٿي،
پنڌ ڪري ٿي، ڪِري پوي ٿي،
ڪِري اُٿي ٿي، وري ڪِري ٿي،
پوءِ ته ڪير ٻڌي ٻونگاڙ
بس نه ٿيندي راڙوراڙ
ننڍڙي رَمشا پنڌ ڪري ٿي.



ننڍڙي رَمشا راند ڪري ٿي،
پنهنجا سڀ رانديڪا ڀڃي ٿي،
چوڙ نه ڪنهن جو مُور مڃي ٿي،
پوءِ ته ڪير ٻڌي ٻونگاڙ
بس نه ٿيندي راڙوراڙ.

ننڍڙي رَمشا ضِدُ ڪري ٿي،
ٽافي چاڪليٽ جوس گهُري ٿي،
منٽ نه هڪڙو هوءَ ترسي ٿي،
پوءِ ته ڪير ٻڌي ٻونگاڙ
بس نه ٿيندي راڙوراڙ.

ننڍڙي رَمشا ننڊ ڪري ٿي،
ننڊَ ۾ گل ڦل پَرِي ڏسي ٿي،
اوچتو ڇرڪ ڀري جاڳي ٿي،
پوءِ ته ڪير ٻڌي ٻونگاڙ
بس نه ٿيندي راڙوراڙ.

**موسيقار: شاهد ڀٽو** **فنڪار: ٻيبي ثُميره**

# منهنجي گُڏِي هلي بازارِ



منهنجي گُڏِي هلي بازار،
ڪندي ڪروڙ جو واپار.

هَٽو هَٽو پري هَٽو،
هٽو هٽو سڀ پري هٽو،
آهي پرديدار....!

نئينءَ بگيءَ تي ٽيندي سوار،
گُڏِي تہ گهمندي بوري بازار،
ڪندي شاپنگ ايلفيءَ تي:
بندر روڊ، طارق روڊ،
آخر ۾ گهمندي گوليمار...!



پھرين تہ ست سؤ ساڙھيون کپن،
هزار درجن چوڙيون کپن،
ڪيٽ سڄو زيورن جو:
گھوڙا گاڏي؟
”اونھون ھون“!
رڪشا، ٽئڪسي؟
”اونھون ھون.“
کپندي تہ موٽرڪار...!

سُرخي ۽ پائوڊر جيسين وٺي،
رَش دڪان تان جيسين هٽي،
پرسُ تہ ويو ڪو تڳائي!
ڪير ڪٽي ويو؟
باھہ لڳيسِ!
گاڏيءَ جو ڀاڙو بہ مون تي بار
سڄو ڪروڙ ٿيو بيڪار!
لَئي چاڙھي نٿي واپار....!

01.08.1975

موسيقار: ڪريم شهاب الدين      فنڪار: ٻيبي ثميره
موسيقار: فيروزالدين      فنڪار: شهنيلا علي

# اَڙِي نِنڊَ!



اَڙِي ننڊ، خوابن جو توکي قسم،
اچي مُنهنجي ننڍڙي جي نيڻن ۾ سُمهہ!

تون اچ پوپٽن جي پرن تي چڙهي،
پنيورين جا باغن ۾ پيرا کڻي:
هلي اچ گُلابن تي رکندي قدم....!

تون ايندينءَ تہ ڳالهيون عجب ٽيندين،
پَريون هن کي پينگهن ۾ لوڏينديون:
اچي هِن جي خوابن جي دنيا تہ گهُم....!

اٿئي ڏاڍو نازڪ هي نازن پليو،
اِجهو هي رُنو ۽ اِجهو هي کِليو:
تون اچ هوريان هوريان، نهايت نرم....!

23.08.2004

# ٻالڪ زنده باد!



منڙا منڙا پيارا پيارا، ٻالڪ زنده باد!
ساري جڳ جي اک جا تارا، ٻالڪ زنده باد!

ٻالڪ بابا، ٻالڪ امان، ٻالڪ ڀينر ڀاءَ،
ننڍڙا آهن، وڏڙا ٿيندا، ٿيندا راڻيون راءَ،
آئيندي جا سرجڻهارا، ٻالڪ زنده باد!

پيرَ، اِمامَ، پيغمبرَ، حاڪمَ، فاتح توڙي سِپاهه،
آئن اسٽائن، ارسطو گوتم، سامي، سچل، شاهُ،
ٻالڪ ئي تہ هئا هي سارا، ٻالڪ زنده باد!

ڌرتي، دريا، سمنڊ سمورا ٻالڪ جي ميراثَ،
سي ئي آهن ساري جڳ جي آئيندي جي آسَ،
جن جي دم سان باغ بهارا، ٻالڪ زنده باد!

# پيارُ گُهرون ٿا

پيارا آهيون، پيارُ گهرون ٿا،
پيارَ ڀريو سَنسارُ گهرون ٿا!



هُجي نہ جنهن ۾ ڪوڙ ۽ ڪلفت،
جڳ ۾ سو وهنوارُ گهرون ٿا...!

اسين امن جا نينڊڙا قاصد،
جنگ نہ ڪو تڪرارُ گهرون ٿا...!

دنيا جا سڀ ٻالڪ گڏجي،
ڌرتيءَ جو سينگارُ گهرون ٿا...!

# منهنجو لغڙ اُڏاڻو چنب ڏي



منهنجو لغڙ اُڏاڻو چنبَ ڏي،
اجا اَنڊِي ڏسي پئي جنبَ ڏي!

ڦَڙَ ڦَڙَ، ڦَڙَ ڦَڙَ، ڦُون ڦَرڙاٽَ،
زون زٽ، زون زٽ، زون زررڙاٽَ...!

رنگ تہ جنهن جو روپهري،
ڏورِي تنهن ۾ سونهري:
اڪيون ڦاڙي ڏس چمڪاٽ۔

ڦڙ ڦڙ۔ ڦڙ ڦڙ...!

پُڇ تہ جنهن جو پندرهن ميل،
تنهن ۾ پُوتا مون رابيلَ:
سُرهي ٿي وئي ساري واٽَ۔

ڦڙ ڦڙ۔ ڦڙ ڦڙ...!

وِي ٺُو ٺِي ٺُو جنبو جيٺ،
سيئي اُڏامن هن کان ليٺ:
چاڙھ اُڏاٽو ٽيا ڪڙڪاٽ۔
ڦڙ ڦڙ۔ ڦڙ ڦڙ...!

هيڏانهن ويو يا هوڏانهن ويو؟
اُپ کي ڦاڙي ڪيڏانهن ويو؟
تارا ڳٽيون ڪن سُرڀاٽَ:
ڦڙ ڦڙ۔ ڦڙ ڦڙ...!

مانجهي اندر ائٽم بم،
جيڪو ٽڪريو چاڙھ پسم،
ڏس هو راڪِٽ ٽي ويو ڪاٽَ۔
ڦڙ ڦڙ۔ ڦڙ ڦڙ...!

چنڊ سان پيچ لڙائي خوب،
ڇِڪ سان ٻوڙون پائي خوب:
موٽي آيو پنهنجي گهاٽَ۔
ڦڙ ڦڙ۔ ڦڙ ڦڙ...!

05.07.1975

# گُڏي گُڏِيءَ جي راندِ



اڇوڙي جيڏيون، دل وندرايون،
گُڏي گُڏيءَ جي راند رچايون!

گُڏو گُلان جو، گُڏِي ڦُلان جي،
هُو بہ اسان جو هيءَ بہ اسان جي،
ڏام ڏومَ سان ٻئي پرڻايون!

لاڏِي جي لئہ سنڌي ٽوپي،
لاڏِيءَ جي لئہ ريشم پوتي،
رنگا رنگي ڪپڙا پهرايون!

پاڙي اوڙي ڪنڌُ وِرهائي،
ڍولڪ تاڙيون خوب وڄائي،
اچو تہ گڏجي سِهرا ڳايون!

# منهنجي گُڏِيءَ جا پارَ



منهنجي گُڏيءَ جا اهڙا پارَ،
اچيو ڏسن پاڙي جا ٻارَ.

وارَ وِچون ۾ اکيون ٽانڊا،
نَڪُ نيسارو چَپَ چيلاٽا،
وه وا، چيلهه ڇِٻي چوڌار...

ڪپڙا ليڙون، نَخرو پيٽو
هَٿَ ۾ هريڙون، بانور ٽيٽو
لَٽِي ڄاڻي نہ ڪو ڪم ڪار...

ڪجلُ لڳايان، سيندِ ٻڌايان،
پَٽَ پٽيهَرَ، زيورَ پايان،
اُٽس هر ڳالهہ کان انڪار...

# سانوڻَ جا مينهَن

سانوڻ مند جا مينهنَ، پلي ڪري آيا،
ساوڪ سُڪَ جا ڏينهن، پلي ڪري آيا!



سمنڊ تان پاڻي پِي چو نِڪتا،
گوڙ ڪنوڻ سان ڳولي رَستا،
بادل ٻوڙي هِنڙي پُهتا،
وَڏڦُڙي جي ڏس ڇَنڇلتا.....!

جهُڙ ڦڙ، جهڙ ڦڙ موجَ لڳي وئي،
ٻيلُ وڳو موڪل ٿي وئي،
’هوم ورڪ‘ ڪان جِندِ ڇُٽي پئي،
لکڻ پڙهڻ جي ڇُوٽِ مِلي وئي....!

سنهڙي سنهڙي بوندَ وسي ٿِي،
اَچو اچو سڀ جلدي جلدي،
مزو وٺو وِهنجڻَ جو گڏجي،
ڳايون ڳايون رحمت ربَ جي...!

# سيارو آيو

سيارو آيو سيءُ کٽي،
اُس بہ نِڪري چٽي چٽي،



ٽڙ ٽڙ، ٽڙ ٽڙ، لِڳ ٽڙڪن،
ڏڪ ڏڪ، ڏڪ، ڏڪ، ڏَند ڏڪن،
هٿ سيڪيندي بات بٽي...!

رِلي تہ مُور نہ سيءُ جهلي،
هاڻ تہ ڪمبل سوَڙ ڪپي:
ٺڏ وڏي وئي آهي گهٽي...!

گرم لَٽَن هوندي بہ ٺَرون،
ساجهر پَر اسڪول وڃون،
ڳالهہ اِها سيني کي وڻي...!

24.02.2003

# بهارَ جي مُندَ




سال سڄي جون مندون چار،
پلي سين كان آهي بهار!

مند ته جادوءَ جهڙي هيءَ،
كيئن نه پاڻ پڄي ويا سيءَ،
آهي سيني جي سردار...

باغ ۾ پوپٽ اُڏرن كوڙ،
پونئرَ پنپيريون ڏسجن كوڙ،
باتيون بلبل جون به هزار...

وڻن ڍڪِيا سڀ ساوا ويسَ،
سَرها سُرها سارا ديسَ،
گل ئي گل سارو سنسار...!

# اَنبن جِي موسم



انبن جي آ موسم آئِي،
کير ٿو کائي رَس مَلائِي.

’چوسا‘، خاص ’گلاب‘ ۽ ’لنگڙا‘،
منڙا منڙا، کَٽڙا کٽڙا،
’سنڌڙيءَ‘ جهڙي جنس نہ کائِي...!

گوشت، مڇي، مرغي نہ وٽي ٿي،
بابا! انبَ وٺي اچ جلدي،
مون کان کانہ ٿئي ٿي پڙهائِي..!•

ڪانگل کائِي، طوطو کائِي،
امان، بابا، ڏاڏو کائِي،
کائِي هرڪو مرد ۽ مائِي...!

• چوسو، گلاب، لنگڙو، سنڌڙي: انبن جا قسم آهن.



# ڏُوَمَ مچايون

اچو تہ گڏجي ڏُوم مَچايون، گيتن جي گونجارَ ڪريون،
نئين سَمي جا سازَ وڄائي، هرڪا دل بيدار ڪريون...!



اسين سدا سونهارا آهيون،
پيارا، ڀاڳ ڀلارا آهيون،
جڳ جي اک جا تارا آهيون۔
برپٽ باغ بهار ڪريون...!

محنت ساڻ آ محبت پنهنجي،
محنت ۾ ئي عظمت پنهنجي،
محنت زور، ضرورت پنهنجي۔
محنت جو ونهوار ڪريون...!

نئين سمي سان وِک وڌائي،
علمَ عملَ جي جوتِ جڳائي،
پيار جو پورهيو خوب ڪمائي،
ملڪ جو ناماچار ڪريون...!

ڏُن: نذر حسين
1973

# سائيڪل

بابا ڏياري سائيڪل،
بابا ڏياري سائيڪل،
ڪير هلي هاٽي پيدل،
ڪير هلي هاٽي پيدل!



سائيڪل منهنجي نئين نياري،
گھنٽي هن جي ٽِڙ ٽِڙ واري،
واه ڦري ٿو ڪيئن هينڊل...!

مُور نہ ٿئي ٿي پنڪچر،
ائين ڊوڙي جيئن لاري موٽر،
هٿن مان ترڪي پيو هينڊل...!

سپ ڪان سستي، سؤلي سواري،
سارو ڏينهن گھمان چوڌاري،
ڪونہ ٿئي پيٽرول جو بل...!

ڏِيان سان روڊ تي هلندو آهيان،
آسي پاسي ڏِسندو آهيان،
تڪڙ ڪڍهن، نہ ڪريان پُل...!

ڳاڙهي بتيءَ تي بيهندو آهيان،
سائي بتيءَ تي هلندو آهيان،
ٽوڙيان ڪونہ ڪڏهن سنگل...!

04.02.2003

# جانورن جو باغُ

اچو عجب هڪ سئر ڪريون،
جانورن جو باغُ گهمون!



قسمين قسمين جهنگ جناور آهن هت،
مور ۽ طوطا، ٻولا باندر آهن هت،
گينڊا هاٿي، اٺ پکي ۽ نانگ مڇيون،
اچو عجب...!



شينهن تہ آهي جهنگ سڄي جو شاهنشاھ،
ڏسو اکين ۾ ڄڻ تہ مَشالا ٻرن پيا،
هن جي هيبت ساڻ دهلجيو وڃن دِليون:
اچو عجب...!

رِڇُ تہ پنهنجو ساڳيو پالو گُڏو آ،
هٿي پري ٿيو هي ڏاڍو لُچو آ،
ڏسي اسان کي ڪيئن نہ پيو مِچڪائي اکيون،
اچو عجب...!



ڳَن تہ وِڇڙا، ڏند تَرارون، پاڻ جبل،
سونڊ سان پيئي پاڻي، اکين منجھ ڪجل،
ڪير هي آهي؟ اچو پرولي هيءَ سليون،
اچو عجب....!

# اَمڙ مارِ نہ مُون!



امڙ مار نہ مون، منهنجي توبهن توبهن!
توبهن، منهنجي توبهن توبهن!
آءٌ تنهنجو پٽڙو چڱون:
الا ڙي، امڙ مارِ نہ مُون!

ڪيتو ڪِٽ ڪِٽ هاڻ نہ ڪندس،
مانيءَ ويلي مُور نہ رُسندس،
ڪين ٿيندس بي ڳمون...!

اُٿي سَويري اسڪول ويندس،
پيڻ گُڏيءَ کي تنگِ نہ ڪندس،
پلي سَڙن رَمون، ڪمون...!

هاڻ تہ روڪ پلا تون هٿن کي،
پَپِي ڪِلي ڏي پنهنجي پُٽن کي،
ڏي ڪجھ پيرَ ۽ جُمون...!
وھ واھ! امڙ مار نہ مُون!

19.01.1998

# صِحت جو خيالُ



ٻارو رَکو صحت جو خيالُ
صِحت بنا جيئڻ جنجالُ

صبح اُٿڻ سان ڏندڻ ڪريو
وهنجي، ڌوتل ڪپڙا پَهريو
وارَ سنواري ٿيو نِهالُ...!



نيرن ڪائي وڃو اِسڪول،
خوب پڙهڻ ۾ ٿيو مشغول،
پاسِ ٿي ڏيکاريو هر سالُ...!

منجهند جو آرامُ ڪريو
گهر جي ڪم جو ڌيانُ ڌَريو
شامَ جو ڪيڏو بيٽ ۽ بالُ...!



سِڄُ لهي تہ پڙهڻ تي ويهو
’هوم ورڪ‘ سڀ پورو ڪريو
ڪريو پورو هر سوالُ...!

# ٽِرئفڪ سِگنَل



ڳاڙهي بتِي، ڳاڙهي بتِي،
ڇا ٿي چوين تون؟
مان ٿي چوان، مان ٿي چوان:
بيهه، بيهه، بيهه!
جيسين اَچي هيڊي بتِي،
بيهه، بيهه، بيهه...!

هيڊي بتِي، هيڊي بتِي،
ڇا ٿي چوين تون؟
مان ٿي چوان، مان ٿي چوان:
هاڻي هل، هاڻي هل...!

گاڏيءَ کي هلاءِ پلي،
سائيڪل کي ڊوڙاءِ پلي،
ڌيانَ سان هَلجئين تون پل پل...!

مهرباني، مهرباني
ڳاڙهي، سائي، هيڊي بتي!
هاڻي سمجهيم، هاڻي سمجهيم، ٽِرئفڪ جو سِگنل
ٽرئفڪ جو سگنل،
ٽرئفڪ جو سِگنل،
واه واه، ٽرئفڪ جو سِگنل!
ٽرئفڪ جو سِگنل،
واه واه، ٽرئفڪ جو سِگنل!
ٽرئفڪ جو سِگنل،
واه واه، ٽرئفڪ جو سِگنل!

# گهرَ جو چرخو



بابا منهنجو راجا، امان منهنجي راڻي،
گهر تہ اسان جو پاڳن وارو، رَبُ اسان جو ساڻي،

پاءُ وزير ۽ ڀيڻ اُنهيءَ جي آهي خاص مشير،
گُڏو گُڏِي آهن رعيت، ڪائن ڪندون ڪير،
آءٌ سين جي سيڪريٽري، ڊيوٽي هيءَ شاهاڻي...!

بابا پنهنجي آفيس وڃي، امان رڌي دال،
پائو شاپ سنڀالي، ڀيڻ پڙهائي سارو سال،
گُڏو گُڏِي ڪيڏن، آءٌ ٻڌايان ڪين ڪهاڻي...!

نہ ڪو جهيڙو نہ ڪو جهَٽو نہ ڪوئي تڪرار،
گهر جو چرخو خُوب چَلي ٿو، امن امانُ قرار،
جُڳ جُڳ جيئي بابا راجا، جيئي امان راڻي...!

# ڪُونجَ



ڪونج کي نہ مار ياءُ، ڪونج کي نہ مارِ
ڪونج ويچاري ويٺي درياءَ جي هُن پار...!

نَٿَ نہ ٿي کپي مون کي، نٿَ تون نہ آڻ،
نٿ جي پئسن لاءِ ڪونجَ کي نہ مار!

چُوڙيون نہ کپن مون کي، چوڙيون نہ آڻ،
چوڙين جي ڪري تون ڪونجَ کي نہ مار!

چُني نہ آڻ مون لئہ، چُني نہ آڻ،
چُني وٺڻ لئہ تون ڪونجَ کي نہ مار!

فنڪار: ٽيچر نُوربانو

# عيد

ڪپڙا نوان، بوٽ نوان، ٽوپيون مليونسين،
ڪپڙا نوان، پَرسَ نوان، چوڙيون مليونسين،
ڪوڙهڪ ئي ڏينهن اندر خرچيون مليونسين،
عيد مبارڪ! عيد مبارڪ!



امان رڌيون ڪيرٽيون، سَيون ۽ سيرا،
بابا وٺي آيو مغز، ٻُڪيون ۽ جيرا،
طعامَ ڪئين ڪاڏاسين ڏهہ ڏهہ ڀيرا،
عيد مبارڪ! عيد مبارڪ!

سنگتين سان عيد ملي، ڏاڍي خوشي ٿي،
سَرتين سان عيد ملي، ڏاڍي خوشي ٿي،
موڪل ڪلاسن ڪان ملي، ڏاڍي خوشي ٿي،
عيد مبارڪ! عيد مبارڪ!

18.09.2004

# عيد مبارڪ




عيد مبارڪ! عيد مبارڪ!
ٻِگليءَ ٻِگليءَ مان ڊوڙندا،
مڙي آيا ٻارڙا،
عيد مبارڪ! عيد مبارڪ!

ڪپڙا نوان پاتاسين،
گُل تہ گلابي ٿا لڳن،
ٺهڪ ڏيو خوب ٿا ٽڙن،
گڏ گڏ ٿيو ڪلي ملن...!
عيد مبارڪ!

سيوين جو سيرُ پلو
خرچين جو ڍيرُ پلو
نئينءَ جتيءَ پيرُ پلو
سائينءَ جو خيرُ پلو..!
عيد مبارڪ!

ننڍڙا هي ٻارَ جيئن،
امڙ جا سينگارَ جيئن،
اَبي جا آڌارَ جيئن،
جَڳ جا اِهي يارَ جيئن...!
عيد مبارڪ!

# عيدَ ملهايون



چِڪلي پايون، پير گسايون،
اچو ڙي ٻارو، عيد ملهايون!

رنگ برنگي ڪپڙا پهري،
پوپٽ بڻجي ڦيريون پايون!

پاڙي ۾ جي ٻارَ رهن ٿا،
پاڻ اڪيلا جي سمجهن ٿا،
هلو ته عيد مبارڪ ڏيئي،
تن کي پينر، پاءُ بڻايون!

جيڪي ڏُکيا بکيا آهن،
نوان لَٽا جن پاتا ناهن،
ڪپڙا طعام ڪٺي انهن لئه،
هَلو انهن کي گَلي لڳايون!

راند ڪندي جي رُسي ويا ها،
سال سڄو ئي وڇڙي ويا هئا،
هلو انهن سان عيد ملي اڄ،
سيني کي گڏجي پرچايون!

1974ع

# عيدَ آئي



پائي ڪپڙا ڳاڙها، ساوا،
گلن ڦلن ۾ چِلڪي وارا،
آئي ڪٽي گهر گهر واڌائي،
عيد آئي، عيد آئي!



هڪڙي هٿ ۾ کيرَ سيويون،
ٻئي هٿ ۾ آنڊائين خرچيون،
ٻارن خوش ٿي موجَ ملهائي،
عيد آئي، عيد آئي.



پاڙي ۾ ڪو ٻُڪيو هوئي،
ٻالڪ ڪو خرچيءَ لاءِ روئي،
هلو ڪريون تِن جي پورائي-
عيد آئي، عيد آئي!

# سونلَ ٻائِي



سوڻَ ولائت ۾ هئي رهندي، سوڻَ سرَيکي سونل ٻائي،
ننڍڙي پياري سونل ٻائِي.

سونل ٻائي هلي ناناڻي،
نانيءَ سونل کي سيرو ڪارايو.
هنڌ تي ليٽي سونل ٻائي،
گل پريءَ جي ڳالھ ٻڌايئين،
”ڳوٺ جي پرسان، اُتر پاسي،
تنهن جهنگ ۾ ڪيئي رڇَ رهن ٿا.
تون اُن پاسي مُور نہ وڃجئين.

آئي نانيءَ وٽ سانجهيءَ ٽاڻي.
پوءِ سونل لئہ هنڌ وِڇايو.
نانيءَ پوءِ آکاڻي ٻڌائي.
سونل کي پوءِ هيئن سمجهايَئين:
هڪڙو شاهي جهنگل آهي.
ٻارن کي سي ڪٽي وڃن ٿا.
باقي هر ڪنهن پاسي گهمجئين.“

صبح ٽيڻ سان آيون سرتيون،
ٻيرَ پٽڻ لئہ جهنگ ڏي نِڪتيون،
سونل ٻوليو ”جهنگ نہ هلجي“،
سرتين ٻوليو ”ڇا لئہ ڏجي؟“
نيٺ سيئي جهنگ ۾ پهتيون،
ٻيرَ ڏسي سڀ ڏاڍيون خوش ٿيون.
سونل هڪڙي پاسي ويئي،
ڳاڙهن ٻيرن تي اکِ پيئي.
ٻير چونڊيندي هلندي ويئي،
سَرتين کان سا وِڇڙي ويئي.
اوچتو هڪڙي دانهن ٻُڌائين،
ڏجي ڏجي اُن پاسي ڏٺائين.
رڇَ جو هڪڙو ننڍڙو ٻچڙو،
ٻک ۾ پاهہ ٿيو پئي ڏاڍو.
سونل کي جا ڪهلَ اچي وئي،
کيس ڏِنئين ٻيرن جي جهولي.
ننڍڙي ٻچڙي کي جو ڍؤ ٿيو،
سونل تي سو خوش ٿيو ڏاڍو.
اوچتو رِڇڻ آئي ڀڄندي،
سونل کي مارڻ لئہ رَنڀندي.
”هون هون! هون هون!“ ٻچڙي ٻوليو،
ڳالهہ سڄيءَ کي ماءُ سان کوليو:
”سونل منهنجي سَرتي آهي،
جهنگل ۾ ڀُلجي پئي آهي.“
رِڇڻ ٻوليو ”جيئين سدائين،
سونل ڏيءَ متان گهٻرائين!“
پوءِ سونل کي پُٺ تي چاڙهي،
نانيءَ وٽ آئي پهچائي.

**فنڪار ۽ موسيقار: ظفر علي**

# مائي ملوڪان

**راوي:**

**مائي ملوڪان متڪي واري،**

**ذات ڪُئن جي راجڪماري:**

**ڇم ڇم ڇم ڇم، ڇير جا ڇمڪا:**

**سنهڙن، سهڻن وارن واري،**

**مائي ملوڪان متڪي واري،**

**گهر کان نڪري گس تي آئي،**

**ڇم ڇم، ڇم ڇم، ڇير وڄائي،**

**ڏيڏر جي هن ننڊ ڦٽائي.**



**ٽان ٽان، ٽان ٽان-**

**ڦونڊ ٻريرجي،**

**اک مِڇڪائي،**

**پوڙهو ڏيڏر گپ مان نڪتو:**

**ڏيڏر:**

**ٽان ٽان، ٽان ٽان-**

**ڪيڏانهن، ڪيڏانهن؟**

**مائي ملوڪان متڪي واري،**



ذات ڪُوئن جي، راڄڪاري!
هون.... پاڻي پرڻ تي وڃين؟
ڪُوهي واهِي ڪجهہ ٻيو ناهي:
جهنگل،
جهنگل اندر جهنگل آهي،
تنهن ۾ ڪيئي نانگ بلائون!
ڇا ٿيون ٻولن؟
اڇي ملوڪان، ڪائُون ڪائُون!
ا ر ر ر ر ر ر....
۽ هوءَ جهنگلي ٻلي؟
توبهہ توبهہ، ڏاڍي ڏنگي آهي!
مائي ملوڪان مٽڪي واري...!

ملوڪان:

چين چين، چين چين –
هل هل، پوڙها ڏند ٻگل!
بند ڪر پنهنجي ٽان – ٽان، ٽان – ٽان!
نانگ بلائون؟ مون کي ڇا هي؟
جهنگلي ٻلي، مون کي ڇاهي؟
چين چين، چين چين،
مون کي سپ سُڃاڻن ٿا.
ڪير آهيان مان!
مائي ملوڪان مٽڪي واري،
ذات ڪُوئن جي راڄڪماري!



**راوي:**

ٻوڙي آيون جيڏِيون سرتيون،
سيئي گڏجي تڙ تي پهتيون،
پاڻي ڀري پوءِ وِهنتيون سِهنتيون،
گهر ڏانهن پوءِ هلي سُواري۔
مائي ملوڪان...!

ڏيڏر ڀِلڙو مُنهن بڻائي،
گپ ۾ وينو پاڻ لِڪائي،
ڏسي ملوڪان جي هُشياري۔
مائي ملوڪان...!
هڪڙي ننڍڙي جهِرڪي آئي،
چون چون، چون چون، چان چان چائي:

**جهرڪي:**

وهه واهه، وهه واهه، مائي ملوڪان!
پورهئي سان ٿُون دل ٿي لائين،
ڪين ڪڏهن ٿي تون گهٻرائين؛
واه ملوڪان، همت واري،
ذات ڪُوئن جي راجمڪاري!

مائي ملوڪان مٿڪي واري،
ذات ڪُوئن جي راجمڪاري!

17.11.1974

**موسيقار ۽ فنڪار: ظفر علي**

(ٻچهارتون)



# ڦيٿي جو گيت

[اسڪرين تي ڪلوز اپ ۾
تيزيءَ سان ڦرندڙ ڦيٿو ۽ موسيقي]
ڳٽ۔

[هڪ ٻار رستي تي ڦيٿو ڊوڙائيندو وڃي. ڳائڻ وارو بئڪ گرائونڊ ۾ آهي.]

[ڳائڻ وارو سامهون آهي.]



ٻار جواب ڏين ٿا:

ڳائڻ وارو:

**ڦِر ڦِر ڦِر ڦِر منهنجا ڦيٿا،**
**سڀ ڪي ڪر حيران،**
**ساري جڳ جو چرخو چورين،**
**اعليٰ تنهنجو شان.**
**ڇُو ڇو ڇُو ڇو، ڇِڪ ڇِڪ ڇِڪ ڇِڪ**
**ڀڳو وڃي راڪاسُ،**
**ڪُو ڪُو ڪُو ڪُو، ڪُوڪ ڪَرڻ سان**
**گَجي پيو آڪاسُ:**
**مور بہ ناهي،**
**ڍور بہ ناهي،**
**هلي رڳو ڦيٿي تي۔**
**ڀجو تہ ٻارو ڇا هي؟**
**ريل گاڏي!**
**ها......**

[اسڪرين تي ريل گاڏي]



ڦِر ڦر ڦر ڦر منهنجا ڦيٿا،
سڀ کي ڪر حيران،
ساري جڳ جو چرخو چورين،
اعليٰ تنهنجو شان!

[اسڪرين تي ڳائڻ وارو]

ڇِم ڇم ڇم ڇم ڇير وڄي ٿي،
خوب اُڏامي ڏُوڙ،
ڏاند ڪٽڻ ٽا ڪاٺ ڪُلهي تي،
تنهن ۾ ناهي ڪُوڙ:
ڳچون بہ ناهي،
وِڇون بہ ناهي،
هلي رڳو ڦيٿي تي-
پيجو تہ ٻارو ڇا هي؟



ٻار: ڏِڳي گاڏي!

ڳائڻ وارو: ها....!

[اسڪرين تي ڏِڳي گاڏي]

ڦر ڦر ڦر ڦر منهنجا ڦيٿا
سڀ کي ڪر حيران،
ساري جڳ جو چرخو چورين،
اعليٰ تنهنجو شان!

اسڪرين تي ڳائڻ وارو:

ٽَپ ٽَپ ٽَپ ٽَپ گهوڙو ڊوڙي،
تنهن کي لال لغام،
گهوڙي سان گڏ تنبو ڊوڙي،
ڇهبڪ ساڻ اُڏام:
ڪوپ بہ ناهي،
ٽوپ بہ ناهي،
هلي رڳو ڦيٿي تي-
ٻجو تہ ٻارو ڇاهي؟



ٻار: ٽانگو!

ڳائڻ وارو: ها...!

ڪٽ.

[اسڪرين تي ٽانگو]

ڦر ڦر ڦر ڦر منهنجا ڦيٿا،
سڀ کي ڪر حيران،
ساري جڳ جو چرخو چورين،
اعليٰ تنهنجو شان.

اسڪرين تي ڳائڻ وارو:

روڊ مٿي هڪ راڻي آئي،
پِين پِين پان پان پُون،
اک ڇنپ اندر گم ٿي ويندي،
پُڄي نہ سگهندين تون:
مُوري بہ ناهي،
ٽُوري بہ ناهي،
هلي رڳو ڦيٿي تي-
ٻجو تہ ٻار ڇا هي؟



ٻار: **موٽرڪار!**

ڳائڻ وارو **ها...!**

ڪٽ_

[اسڪرين تي موٽرڪار]

**ڦر ڦر ڦر ڦر منهنجا ڦيٿا،**
**سڀ ڪي ڪر حيران،**
**ساري جڳ جو چرخو چورين،**
**اعليٰ تنهنجو شان!**



ڪٽ_

[شروع وارو منظر ٻار رستي تي ڦيٿو ڊوڙائي رهيو آهي.]



**فنڪار: مينا شاهه ۽ ساٿي** **موسيقار: ظفر علي** 13.02.1975

# آڪڙ خان ۽ پاٽي خان

ڪردار: آڪڙ خان (ڪُتو).

پاٽي خان (واڳون)

آڪڙ خان-



پؤنڪ:

پؤ.. پؤ...پؤ!

ها ها... ها ها ها!

منهنجو نالو آڪڙ خان،

منهنجو بابو باڪڙ خان،

منهنجو ڏاڏو ٽاڪڙ خان،

نانو واڪڙ شاڪڙ خان:

اعليٰ منهنجو خاندان،

مون سان گوڙ نہ ڪر، نادان!

پاٽي خان-

ڦُوڪارو:

ڦُو... ڦُو... ڦُو!

ها ها... ها ها ها!

منهنجو نالو پاٽي خان،

منهنجو بابو ڏاٽي خان،

ڏاڏو هو گهوپاٽي خان،

مُون سان گوڙ نہ ڪر نادان!

آڪڙ خان: سُجاڻانءِ ٿو پاٽي خان!

(تحت اللفظ)



منهنجو نالو آڪڙ خان،

منهنجو بابو باڪڙ خان،

آهيان آءٌ وڏو شيطان،

مون سان ڪونہ پڄي ڪو جوان،

منهنجي پؤنڪ اندر طوفان!

پؤنڪ: پؤ.. پؤ.. پؤ.. طوفان!

منهنجي پؤنڪ اندر طوفان،

مون سان گوڙ نہ ڪر، نادان!

تحت اللفظ: برباد ڪري ڇڏيندو سانءِ!

پاٽي خان-

(تحت اللفظ) سڃاڻانءِ ٿو آڪڙ خان!

منهنجو نالو پاٽي خان،

منهنجو بابو ڏاٽي خان،

آهيان آءٌ وڏو ڏِگران،

مون سان ڪونہ پڄي شيطان،

منهنجي ڦوڪ اندر طوفان!

ڦوڪارو: ڦُو... ڦُو... ڦُو! طوفان!

منهنجي ڦوڪ اندر طوفان،

آڪڙ خان۔ مون سان گوڙ نہ ڪر، نادان!
منهنجي ڀونڪَ اندر طوفان!

ڀئونڪ: ڀئو.. ڀئو.. ڀئو.. طوفان!

پاڻي خان۔ مون سان گوڙ نہ ڪر، نادان!
منهنجي ڦوڪ اندر طوفان!
ڦو.. ڦو.. ڦو.. طوفان!



آڪڙ خان: آهيان آءٌ وڏو شيطان،

پاڻي خان: آهيان آءٌ وڏو شيطان!

آڪڙ خان:
تحت اللفظ ماري چڙهئي، پاڻي خان!

پاڻي خان۔
تحت اللفظ ماري چڙهئي، آڪڙ خان!

آڪڙ خان۔ ڇا جي لاءِ ڪرين ٿو گوڙ،
آهيون ٻئي هڪٻئي جو جوڙ.

پاڻي خان۔ آهيون ٻئي هڪٻئي جو جوڙ،
ڇا جي لاءِ ڪرين ٿو گوڙ.

آڪڙ خان. اچ تہ ڪريون پاڻ ۾ دوستي!



پاٽي خان- دوستي؟

تہ پوءِ

ڇڏ تون آڪڙخاني يارَ،

مڃ منهنجي مهماني يار،

ڇڏ تون آڪڙخاني يار!

آڪڙ خان-

تحت اللفظ ڇڏِي....!

مڃيم تنهنجي مهماني يار!

ڇڏ تون پاٽي خاني يار!

پاٽي خان-

تحت اللفظ ڇڏِي...!

ڦو... ڦو... ڦو... طوفان!



آڪڙ خان- ڦو... ڦو... ڦو... طوفان!

گڏجي: آڪڙ خان، پاٽي خان،

پاٽي خان، آڪڙ خان،

ٿي ويا هڪبئي جا مهمان،

کائيندا برياني ۽ نان.

واري سان: آڪڙ خان،

پاٽي خان،

پاڻي خان،
آڪڙ خان،

پؤ.. پؤ.. پؤ.. طوفان!
ڦو.. ڦو.. ڦو.. طوفان!

آڪڙ خان،
پاڻي خان،

پاڻي خان،
آڪڙ خان،



موسيقار ۽ فنڪار: ظفر علي

# دُعا

(اسڪول جي اسيمبليءَ ۾ پڙهڻ لاءِ)





ڏٽي پاڪ پَروَر، سڀاجهو تون سائين،
ڪرين ٻاجهه پنهنجي اسان تي سدائين!

اسين سڀ گداگر، تون صاحب سَخا جو،
سُٺي سَڏ تون در ڪول پنهنجيءَ عطا جو،
ڪَمي ڪا نہ تو وٽ تون رحمان آهين...!

ڏي توفيق، دل سان ڪريون علم حاصل،
سڏي ڪو اسان کي نہ دنيا ۾ جاهل،
تون تاريڪ ذهنن کي روشن بنائين....!

پڙهڻ لاءِ ’اِقرأ‘ ٿيو فرمان تنهنجو،
ڪتاب ۽ قَلم آهہ اِحسان تنهنجو،
اسان جو ڪتاب ۽ قلم بخت ناهين....!

نئين دورر جو ماٺيون علم ۽ هنر سڀ،
رکون دينِ دنيا جو سانديي ثَمر سڀ،
پُڄون ماڳَ تي واٽَ اهڙي وٺائين....

30.11.2006